SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر LXVI مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO.LXVI OF 1984

# سنڌ يتيم خانا (نظرداريءِ ضابطو) (ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE SINDH ORPHANAGES (SUPERVISION AND CONTROL) (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ءِ شروعات

Short title and commencement

2. 1976 جي سنڌ ايڪٽ جي ترميم

Amendment of Sindh Act 1976

3. 1976 جي سنڌ ايڪٽ جي دفعه 2 جي ترميم

Amendment of Section 2 of Sindh Act 1976

4. 1976 جي سنڌ ايڪٽ جي دفعه 4 جي ترميم

Amendment of Section 4 of Sindh Act 1976

5. 1976 جي سنڌ ايڪٽ جي دفعه 17 جي ترميم

Amendment of Section 17 of Sindh Act 1976

# سنڌ آرڊيننس نمبر LXVI مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO.LXVI OF 1984

# سنڌ يتيم خانا (نظرداري ۽ ضابطو) (ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE SINDH ORPHANAGES (SUPERVISION AND CONTROL) (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[12 ڊسمبر 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ يتيم خانا (نظرداري ۽ ضابطو) ايڪٽ، 1976 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته شرعي عدالت سنڌ يتيم خانا (نظرداري ۽ ضابطو) ايڪٽ، 1976 ۾ ڪجھ ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ يتيم خانا (نظرداري ۽ ضابطو) ايڪٽ، 1976 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووِيزنل

ڪانسٽيٽيوشن آرڊر 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي.

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ يتيم خانا (نظرداري ۽ ضابطو) (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

Short title and commencement

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1976 جي سنڌ ايڪٽ جي ترميم

2. سنڌ يتيم خانا (نظرداري ۽ ضابطو) ايڪٽ، 1976 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ به چاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، سموري ايڪٽ ۾ سواءِ دفعات 27 ۽ 28 جي، لفظ "يتيم خاني" ۽ لفظ "يتيم خانا" ۽ لفظن "هڪ تيم خانو" جتي به اچن، انهن کي لفظ "دارالاطفال" ۽ لفظن "هڪ دارالاطفال" سان ترتيبوار تبديل ڪيو ويندو.

Amendment of Sindh Act 1976

1976 جي سنڌ ايڪٽ جي دفعہ 2 جي ترميم

3. چاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 2 ۾:

(i) شق (d) کانپوءِ، هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

Amendment of Section 2 of Sindh Act 1976

"(dd) "دارالاطفال" مطلب هڪ هنڌ يا ادارو جيڪو يتيم حاصل ڪرڻ، سنڀالڻ ۽ سار سنڀال ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندو."؛

(ii) شق (k) ختم ڪئي ويندي.

1976 جي سنڌ ايڪٽ جي دفعہ 4 جي ترميم

4. چاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 4 ۾، ذيلي دفعہ (3) جي شرطيہ بيان ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل

| | |
|---|---|
| ڪيو ويندو: | Amendment of Section 4 of Sindh Act 1976 |
| "بشرطيڪ وڌيڪ اهو تہ ڪو بہ ميمبر ٻڌڻ جي موقعي ڏيڻ ڪانسواءِ نہ هٽايو ويندو." | |
| 5. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 17 ۾ آخر ۾ ايندڙ فل استاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو: | 1976 جي سنڌ ايڪٽ جي دفعہ 17 جي ترميم |
| "بشرطيڪ ڪو بہ حڪم جاري نہ ڪيو ويندو جيستائين اپيل ڪندڙ کي ٻڌڻ جو موقعو نہ فراهم ڪيو وڃي." | Amendment of Section 17 of Sindh Act 1976 |

**نوٽ:ـ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**